# ٩. اِنصافُ

ٻُڌو. پڙهو ۽ لِکو.



راجڪمارُ سِڌارٿُ هِڪ ڏينهن باغ ۾ وَڻَ هيٺان وينو هو. اَچانَڪِ هُنَ جي هنجَ ۾ هِڪُ گهايلُ هَنسُ اَچي ڪِريو. گهايل هَنسُ تڪليف وچان ڦَٿڪي رَهيو هو. سِڌارَٿ تہ هو ئي دَيالوُ. هُن هَنس جا زخمَ صاف ڪري اُنهن تي ملم لڳائي. اُن بعد سِڌارَٿُ هَنس تي آهستي آهستي هَٿُ ڦيرڻ لڳو. هَنسَ کي آرام اَچي ويو. ٿوري دير بعد سِڌارٿ وٽ سندس سؤٽ ديودت آيو ۽ کيس چيائين، ’هِن هَنسَ کي، مؤن تير هڻي ڪيرايو آهي. اِهو مُنهنجو شڪار آهي، اِن ڪري هِنَ تي تنهنجو ڪوبہ حقُ نٿو بَڻجي. هِنَ تي مُنهنجو حقُ آهي.‘

آخر اِنصاف لاءِ معاملو راجا وٽ پُهتو. راڄ دَربار ۾ ٻنهي پنهنجي پنهنجي ڳالھ تي زور ڏنو. راجا ٻنهي جا بيان ٻُڌي فيصلو ڏنو تہ هِن پکيءَ تي سِڌارٿ جو حقُ آهي. ڇو تہ مارڻ واري کان بَچائڻ واري جو حقُ وڌيڪ هوُندو آهي.

اُهو ئي راجڪمار سِڌارَٿُ اَڳتي هَلي گوتم ٻُڌ جي نالي مشهوُر ٿيو. هُنَ سڄي دُنيا کي پريم ۽ اَهنسا جو سنديش ڏنو.

## اَڀياس

**سوال ١ : هيٺيان خال ڀريو :**

١) گهايل هنس ....... وچان ڦٿڪي رهيو هو.

٢) اُهو مُنهنجو .......... آهي.

٣) آخر اِنصاف لاءِ ...... راجا وٽ پهتو.



**سوال ٢ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-**

١) سِڌارٿ هنس جي جانِ ڪيئن بچائي؟

٢) ديودت هنس تي حق ڇو جمائڻ لڳو؟

٣) راجا ڪهڙو فيصلو ڪيو؟

۴) سڌارٿ اَڳتي هلي ڪهڙي نالي سان مشهور ٿيو؟

**سوال ٣ : هيٺيان جملا ڪنهن ، ڪنهن کي چيا آهن؟**

١) 'هن هنس کي مون تير هڻي ڪيرايو آهي.'

٢) 'پر مون هن جو علاج ڪري ڪيس بچايو آهي.'

٣) 'مارڻ واري کان بچائڻ واري جو حق وڌيڪ هوندو آهي.'

**سوال۴ : (الف) : هيٺين لفظن جا ضد لکو :-**

آهستي ................ مارڻ ...................... اِنصاف ................. پريم ................. اَهنسا .................

**(ب) هيٺين لفظن جا عدد بدلايو :-**

معاملو............ ڳالهه.................... فيصلو ............... ڪوشش ................. حق ................

> **هدايت :-** ماستر شاگردن کي پکين، پسن لاءِ پيار، همدردي ۽ اُنهن جي اَهميت سمجهائيندو.
> **مشغولي :-** ماستر شاگردن کي گوتم ٻُڌ جي جيوني ۽ بابت ڄاڻ حاصل ڪري هڪ قصو يا ڪهاڻي لکي اَچي ڪلاس ۾ ٻُڌائڻ لاءِ همٿائيندو.

## پورڪ اَڀياس

١) هن آکاڻيءَ کي ديودت ۽ سڌارٿ جي گفتگوءَ جي روپ ۾ لکو.

٢) گوتم ٻُڌ تي ڏهه جُملا لکو.

**ماٽ ۾ پڙهو :-**

رينوءَ کي پالتو جانورن سان ڏاڍو پيار هو. ڪڏهن ٻليءَ جي ٻونگڙن سان تہ ڪڏهن وري ڪُتيءَ جي گُلڙن سان پيئي راند ڪندي هئي. هڪ ڀيري جڏهن رينو اسڪول مان گهر اَچي رهي هئي، تڏهن گهر جي ويجهو هڪ ٻليءَ جي ٻچڙي کي ڦٿڪندي ڏٺو. اُن کي سنڀالي گهر کڻي آئي. ڪيس کير پيئارياڻين ۽ سڄو ڏينهن سندس سنڀال ڪيائين. شام جو ٻليءَ جو ٻچڙو چرپُر ۾ اَچي ويو. اِهو ڏسي رينو تمام گهڻو خوش ٿي. ٻين کي خوش ڪرڻ سان اِنسان پاڻ بہ خوش رهي ٿو.



پڙهو. ٻڌايو ۽ لکو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| مينا | سائو | علاج | واڱڻائي | ٻاڙهو |
| ٻيو ڪو | ٻار | ڪتاب | ناسي | وڻ |
| ڪڻ | پڪي | وانگر | ڪارو | صاف ڪرڻ |
| گرم | ٺاهه | گهٽيئي | ٻلي | وچ |
| آيو | چنڊ | تڏو | ڪوشش | گول |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ننڍو | مليو | نيرو | توهان | ڇوڪري |
| نه | مون | ڇوڪرو | ٻوٽو | وڏو |
| تارو | اَڇو | آهستي | هڪ | ٿورو |
| سنهو | پيلو | گلابي | ڏنو | ڏيکار |
| ڪر | مڪه | ڪپي | تيز | ڦوڪڻو |

١) رنگ وارا لفظ ڳولهيو. مثال : ڪارو. ..........................................................

٢) هَم آوازي لفظ ڳولهيو. ..........................................................

٣) 'ڪ' وارا لفظ ڳولهيو. ..........................................................

٤) ساهوارا ڳولهي لکو. ..........................................................

٥) جُملا ٺاهيو. (ڪي به ڏهه) مثال : هڪ ڳاڙهو ڦوڪڻو ڪڻُ.

١. ..........................................................
٢. ..........................................................
٣. ..........................................................
٤. ..........................................................
٥. ..........................................................
٦. ..........................................................
٧. ..........................................................
٨. ..........................................................
٩. ..........................................................
١٠. ..........................................................